يقين

تاليف:

آيت الله سيد مرتضى مجتهدي سيستاني

سنديكار:

سجاد علي سروهي

هي كتاب ،

كتاب "اسرار موفّقيّت" جي بحثن منجهان هڪ بحث

جو ترجمو.

جيڪو هيستائين مختلف زبانن عربي، اردو،

انگلش، آزربائيجان ۽ سنڌي ۾ ترجمي ۽ چاپ جا مرحلا

طئي ڪري چڪو آهي.

مؤلّف وبسايت

WWW.ALMONJI.COM

Email: info@almonji.com


بسم الله الرحمن الرحيم

فهرست مطالب

يقين جي اهميت ٥

يقين جا آثار ٨

مباهلي جي مجلس ۾ حاضري ١٠

يقين کي توڙڻ واريون شيون ١٩

شڪ ۽ تردید ١٩

گناھ: ٢٠

يقين کي وجائڻ ٢٣

يقين کي حصل ڪرڻ جا ذريعا ٢٥

دعا ۽الله پاڪ سان راز۽ نياز : ٢٦

بحث جو نتيجو ٣٣

يقين جي اهميت!

يقين عالم غيب ڏانهن وڃڻ جي با عظمت ۽ سڏي واٽ آهي. يقين عالم ملڪوت تائين پهچڻ ۽ نہ ڏسجڻ واري دنيا سان رابطي جي لاءِ سنئين واٽ آهي. يقين مهذّب نفسن ۽ بزرگن جي خصلتن منجهان هڪ آهي. يقين اهلبيت اطهار عليهم السلام جي صحابين سڳورن ۽ الله جي خاص بانهن جي خصوصيت منجهان هڪ آهي. يقين انسان ۾ روحاني طاقت پيدا ڪري ٿو. يقين وحي جي خاندان سان رابطي جو وسيلو آهي. ۽ دل ۾ يقين جو وجود معنوي پيوند جي رڪاوٽن کي روڪي ٿو. ۽ اهلبيت عليهم السلام سان

ويجهڙائي ۽ انهن تائين پهچڻ جو وسيلوٿئي ٿو. يقين جي واڌ سان انسان پنهنجي دل کي ملائڪن جي قيام گاھ بڻائي ۽ ان کي شيطان جي شر ، وسوسن کان بچائي سگھي ٿو. شيطان جي شر کان رهائي حاصل ڪرڻ کان پوءِ انسان کي ڪيترائي معنوي فيض حاصل ٿيندا. اهڙي ريت انسان جي دل نورانيت سان پرجي ويندي.

انهيءَ ڪارڻ ئي حضرت بقيّہ الله جي ظهور جي ڏاڙي تمام ماڻهن جي دلين ۾ يقين پيدا ٿي ويندو. ڇو تہ انهيءَ ڏينهن جڏهن تاريخ جي سڀ کان پراڻي عبادت گاھ (ڪعبہ الله) مان حضرت قائم آل محمّدعليهم السلام جو حياتي ڏيندڙ سڏ ماڻهن جي ڪنن تائين پهچندو تہ ابليس ۽ ان جي مڃڻ وارن جي دلين ۾ ڊپ ۽ خوف تاري ٿي ويندو. حضرت بقيّہ الله اعظم(ع) جي ظهور سان سڀ جا سڀ شيطان هلاڪ ٿي ويندا. تڏهن ماڻهن جي دلين کي وسوسي کان چوٽڪارو ملندو. ۽ انهن جي دلين ۽ جان تي آرام ۽ اطمينان جي حڪومت هوندي. انهيءَ ڏاڙي ماڻهن جي دلين ۾ يقين ۽ ايمان جو اضافو ٿيندو. انهيءَ ڏينهن يقين پيدا ڪرڻ واريون سڀ شيون (امور) موجود ٿي ويندين ۽ يقين جي ذريعي سڀ جي اندر جي اصلاح ٿيندي. انهيءَ ڳالهہ ۽ نڪتي بيان ڪرڻ لاءِ تہ ظهور جي وقت سڀ اهل يقين ٿي ويندا سين مقدمي جي لاءِ ڪجهہ مطالب ذڪر ڪريون ٿا.

الله پاڪ قرآن مجيد ۾ حضرت ابراهيم جي بابت فرمائي ٿو.

وَكذٰلِكَ نُرِىٓ اِبْراهيمَ مَلَكُوتَ السَّمواتِ وَالْاَرْضِ وَلِيَكُونَ مِنَ الْمُوقِنينَ[١] .

ع ائين ئي اسان ابراهيم کي زمين ۽ آسمان جا اختيار ڏيکاريندا آهيون ۽ ان لاءِ تہ هو يقين ڪرڻ وارن منجهان ٿي وڃي.

صفوان چوي ٿو تہ مون امام رضا عليہ السلام جن کان پڇيو تہ الله سائين حضرت ابراهيم عليہ السلام جي بابت فرمايو آهي،

اَوَلَمْ تُؤْمِنْ قالَ بَلى وَلكِنْ لِيَطْمَئِنَّ قَلْبى[٢].

قالَ: لا، كانَ عَلى يَقينٍ وَلكِنَّهُ اَرادَ مِنَ اللهِ الزِّيادَةَ فى يَقينِهِ[٣].

پاڻ فرمايائون. تہ انهن کي يقين هئو پر هو الله کان چاهين پيا تو انهن جي يقين ۾ اضافو ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح حضرت ابراهيم آسمان ۽ زمين ۾ انهن شين کي ڏٺو جن کي محسوس نہ پيو ڪري سگهجي ۽ ان جي يقين ۾ اضافو ٿيو. آسمان ۽ زمين ۾ غير محسوس شين کي ڏسڻ جي ڪري ان جي يقين اضافو ٿيو پوءِ ان ۾ اها طاقت اچي وئي تہ هو بين ۾ بہ يقين ايجاد ڪن.

ظهور واري زماني جي ماڻهن جي حالت ۽ امام مهدي (عجل الله) جي سلطنت تي توجهہ ڪيو. جو پاڻ صاحب ملڪوت آهن. ۽ الله کان سواءِ زمين ۽ آسمان جو مشاهدو

---

[١] . سوره انعام آيت:٧٥
[٢] . سوره بقره آيت ٢٦٠
[٣] . .بحارالانوار:١٧٦/٧٠

ڪري سگھن ٿا. ڇا ان زماني جا ماڻھو يقين حاصل نٿا ڪري سگھن؟. بس غيبت جي زماني ۾ ٻه هر شخص يقين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري يقين حاصل ڪرڻ سان هو شيطان تي حاڪم ٿي سگھي ٿو ۽ معنويت جي صراط مستقيم تي هلي سگھي ٿو.

يقين جا آثار

١_ يقين دل کي مضبوط محڪم ڪندو آهي.

توهان پنهنجي دل کي نصيحت جي ذريعي زنده رکي سگھو ٿا. ۽ وعظ سان ان ۾ تازي روح وجهي سگھو ٿا. جھڙي ريت ايمان کامل سان يقين کي مضبوط ۽ طاقتور ڪري سگھو ٿا، اھڙي طرح مشڪلن ۽ رڪاوٽن جي آڏو جبل جيان بيهي رهو. ڇو ته جيڪڏهن يقين طاقتور ۽ کامل صورت ۾ موجود هجي ته پوءِ وسوسي ۽ شڪ جو ڪوبه امڪان باقي نه ٿو رهي. پوءِ سستي. ضعف ۽ نياڳ ختم ٿي ويندو. انهيءَ ڪري ئي اسان جي ذمہ داري آهي ته اسان پنهنجي يقين کي مضبوط ڪريون مولا علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا.

اَحْيِ قَلْبَكَ بِالْمَوْعِظَةِ... وَقَوِّهِ بِالْيَقِينِ[٤].

واعظ ۽ نصيحت جي ذريعي پنهنجي دل کي زنده ڪر ۽ يقين جي ذريعي ان کي سگھ ڏي .

گر عزم تو در ره حق، آهنين است

می‌دان به يقين که راه آن يقين است

---

[٤] . بحارالانوار ٧٧/ ٢١٩

جيڪڏهن حق جي ارستي ۾ توهان جو ارادو پڪو آهي. تہ يقين ڄاڻيو تہ ان جو رستو فقط يقين ئي آهي. جڏهن اسان جي دل ۾ يقين پيدا ٿي وجي تہ ان سان دل مضبوط ٿي ويندو آهي ۽ جيستائين يقين قوي آهي تيستائين دل ۾ شيطاني وسوسن جي داخل ٿيڻ جو ڪو بہ امڪان باقي نہ ٿو رهي. انهيءَ جي ڪري ان ۾ اضطرار ۽ وهم پيدا نہ ٿيندو اهو مصيبتن ۽ مشڪلن جي سامهون شيهي جي پت جيان بينو رهندو.

حضرت اميرالمومنين علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا:

مَنْ قَوِیَ یَقِینُهُ لَمْ یَرْتَبْ[٥].

جنهنجو يقين مضبوط هجي ان ۾ شڪ پيدا نہ ٿيندو آهي.

گر به صورت ملَکی یا به لطافت حوری

تا به معنی نرسی، از همه دلها دوری

اعتقادي مسئلن يا ٻين مسئلن ۾ هميشہ شڪ ان ماڻهو کي ٿيندو آهي. جنهن کي.مضبوط يقين حاصل نہ ٿيو هجي.

جنهن جي دل ۾ يقين ڪمال جي حد تائين نہ پهتو هجي. ان ۾شيطاني وسوسہ برا اثر وجهندا آهن. پر جنهن جي دل ۾ يقين جو ڏيئو ٻريل هجي اهو شيطان جي شر ۽ ان جي وسوسي جي آڏو لوهي پت جيان ٻيِنو رهندو آهي.

امام محمد باقر عليہ السلام جن فرمائن ٿا.

---

٥. شرح غررالحكم ٥/ ٢٣٠

فَيَبْرُقُ الْيَقِينُ بِالْقَلْبِ فَيَصِيرُ كَأَنَّهُ زُبْرُ الْحَدِيدِ[٦].

جڏهن دل ۾ يقين پيدا ٿي وڃي تہ اهو دل کي لوهہ جي ٽڪر جيان قوي ۽ مضبوط ڪندو آهي.

دل کي محڪم ۽ مضبوط ڪرڻ سان انسان جي دل ۾ نہ رڳو اعتمادي مسئلن جي باري ۾ شڪ پيدا نہ ٿيندو آهي بلڪي ايمان ۽ يقين ۾ بہ اضافو ٿيندو آهي. هاڻ اسين شيعہ عالمن منجهان هڪ اهڙي عالم جي ايمان ۽ يقين جو قصو لکون ٿا. جنهن ٻين جي دلين ۾ مسئلن تي يقين ۾ اضافو ڪيو.

مباهلي جي مجلس ۾ حاضري

شيعہ عالمن ڪيتريون ئي تڪليفون ۽ زحمتون برداشت ڪري الله جي دين جي حفاظت ڪئي ۽ ان دين کي منحرف ٿيڻ کان بچائي ورتو. اسان جي بزرگن حريم ولايت جي دفاع ۽ شيعہ مذهب کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي قرباني‌ءَ کان نہ ڪيڻايو.

اهلبيت عصمت و طهارت جي وڏي ۽ عظيم مرتبي تي اعتقاد ۽ يقين هجڻ جي ڪري پاڻ دشمن سان مباهلو ڪرڻ لاءِ بہ حاضر ٿيا. ان ڪم سان انهن ولايت جي واٽ ۾ ايندڙ ڪنڊن کي پاڙئون پٽي دشمنن کي ختم ڪري ڇڏيائون.

جليل القدر عالم دين جناب محمد ابن احمد جو مباهلو انهن جي قربانين جي هڪ مثال آهي. جن دشمنن لاءِ بہ شيعہ عقيدن جي حق هجڻ ۽ سچ هجڻ کي ثابت ڪيو. پاڻ شيعہ بزرگ عالمن منجهان آهن. ۽ ڪجهہ شيعہ بزرگ عالم

---

٦. بحارالانوار ١٨٥/.٧٨

جيئن شيخ مفيد(رح) انهن کان روايت نقل ڪندا هئا. انهن شيعہ عقائد جي بابت ڪيتريون ئي ڪتابون لکيون ۽ جناب قاسم ابن علاءٌ جي بابرڪت محضر مان فيض ورتائون.پاڻ نظر ختم ٿيڻ کان پوءِ لکڻ ۽ پڙهڻ جي نعمت کان محروم هوندي پنهنجي سيني ۾ محفوظ علم کي ليکڪ جي ذريعي ڪاغذ تي لکرائيندا هئا . اهڙيءَ ريت انهن شيعہ مذهب کي ڪيتريون ئي قيمتي ڪتابون ڏنيون پاڻ سيف الدولہ همداني وٽ وڏو مرتبو رکندا هئا انهن سيف الدولہ همداني جي سامهون موصل جي هڪ قاضي سان مباهلو ڪيو. جيڪو جاهلانہ ساڙ جي عينڪ لاهڻ لاءِ تيار نہ هو. مباهلي لاءِ ماڻهو گڏ ٿيا مباهلو ٿيو.مباهلي جي ختم ٿيڻ کان پوِ موصل جي قاضي کي پنهنجي زندگيءَ تان آسرو لاهڻو پيو. ان کي بخار ٿي پيو . ان مباهلي ۾ جيڪو هٿ مٿي ڪيو هو اهو بہ ڪارو ٿي ويو هو. ۽ بي ڏينهن هو مري ويو[٧].

بزرگ شيعہ عالم مرحوم محمد ابن احمد پنهنجي ڪامل يقين ۽ عقيدي جي ڪري متعصب دشمن تي غالب ٿيا. اهڙي ريت انهن پنهنجي ان عمل سان شيعہ عقيدن جي حق ۽ سچ هجڻ کي سيني آڏو واضح ۽ روشن ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي دلين ۾ يقين کي مضبوط ڪري ڇڏيائين. شيعہ تاريخ اهڙين مثالن سان ڀري پئي آهي تہ بزرگان دين پنهنجي ڪامل يقين ۽ دلي اطمينان جي ذريعي دشمن سان مقابلو ڪيو ۽ ٻين جي دلين ۾ بہ يقين پيدا ڪيائون.

ميرفندرسڪي اهڙي ئي هڪ بي مثال آهي جنهن پنهنجي ايمان ۽ ڪامل يقين جي ذريعي دشمن کي شڪست ڏني ۽

---

[٧] . فوائد الرضويہ محدث قمي ٣٨٨

ٻين جي دلين ۾ يقين جو ٻج پوکيو، ان واقعي کي مرحوم نراقي ڪتاب (الخزائن) ۾ هن ريت لکن ٿا.

مير فندر سکي، پنهنجي سير سفر جي ڏينهن ۾ ڪافرن جي هڪ شهر ۾ پهتا ۽ اتي جي ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه (ڪچهري) جي لاءِ رهيا. هڪ ڏينهن هڪ ٽولي انهن کان سوال ڪيو ته اسان جي عقيدن جي حق هجڻ ۽ توهان جي عقيدن جي باطل جڻ جي هڪ دليل هي ٻه آهي ته اسان جون عبادت گاهون ٻه هزار سال پراڻيون آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين انهن ۾ ڪابه خرابي نظر نه آئي آهي پر توهان جون اڪثر مسجدون سوء سال کان وڌيڪ باقي نه رهنديون آهن . ڇو جو هر شيءَ جي بقا ۽ حفاظت ان جي حق هجڻ جي محڪم دليل آهي ته پوءِ اسان جو دين سچو آهي .

مير فندرسکي پنهنجي يقين ۽ عقيدي جي بنياد تي جواب ڏنو ته توهان جي عبادت گاهن جو باقي رهڻ ۽ اسان جي مسجدن جو خراب ٿيڻ توهان جي حق هجڻ جي ڪا ٻه دليل ناهي ، بلڪ ان جو راز هي آهي ته اسان جي مسجدن ۾ صحيح عبادت ڪئي ويندي آهي ۽ مسجدن ۾ رب پاڪ سان راز و نياز ڪيو ويندو آهي انهي جي ڪري اسان جون مسجدون ان پاڪ نالي جي عظمت کي برداشت ڪرڻ جي سگهه نه رکنديون آهن ان ڪري جلدي خراب ٿيو وڃن پر توهان جي عبادت گاهن ۾ صحيح معني ۾ عبادت نه ٿيندي آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته فاسد عمل ٻه انجام ڏنا ويندا آهن انهي جي ڪري اهي خراب نه ٿيندیون آهن .

جيڪڏهن اسان جي پالڻهار جي عبادت توهان جي عبادت گاهن ۾ انجام ڏني وڃي ته اهي نه ان جي عظمتن کي

برداشت نہ ڪندیون انھن وراٹیو اھو تہ تمام سولو ڪم آھي توھان اسان جي عبادتگاھن ۾ وجي پنھنجي عبادت ڪريو تہ جيئن اسان جو حق ھجڻ ۽ توھان جو باطل ھجڻ ثابت ٿي وڃي.

سيد انھن جي ڳالھ مجي، وضو ڪرڻ ڪانپوءِ ڏاڍي پاڪ تي آسرو ۽ يقين ڪندي پاڪ ھستين سان توسل ڪيو ۽ پوءِ انھن جي سڀ کان وڏي عبادت گاھ ۾ داخل ٿيو جيڪا تمام مضبوط ۽ بہ ھزار سال قديمي ھئي تمام گھٹا ماٹھون انھيءَ منظر کي ڏسڻ لاءِ ماندا ھئا سيد عبادت ۾ وڃڻ ڪانپوءِ آذان ۽ اقامت چئي نماز جي نيت سان وڏي آواز سان تڪبير(اللہ اڪبر) چيائين ۽ عبادت گاھ کان باھر ڊوڙي آيو تہ سيني پنھنجي اکين سان عبادت گاھ جي ڇت ۽ ديوارون ڪرندي ڏٺيون ان ڪرامت جي مشاھدي ڪانپوءِ گھٹن مشرڪن اسلام قبوليو.(١)

مير فندرسڪي پنھنجي عقيدي کي يقين ۽ ايمان سان مضبوط ڪيو

٢. يقين عملن جي قيمت ۽ اھميت ۾ واڌاري جو سبب آھي:

جيڪڏھن ڪيميا ۽ اڪسير کي ڪنھن گھٹ قيمت مادي سان گڏ ڪاھيو وڃي تہ اھي ان گھٹ قيمت مادي کي قيمتي ڏاتن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آھي ۽ ان جي قيمت ڪيترائي ڀاڱا وڌائي ڇڏيندو آھي اھڙي طرح ڇو جو يقين بہ عملن کي قيمت عطا ڪندو آھي جيڪڏھن ٿورڙي عمل کي يقين سان انجام ڏنو وڃي تہ پالٹھار وٽ جي قيمت شڪ

۽ وسوسي سان انجام ڏنل گھٽي عمل کان قيمتي آهي امام صادق عليہ السلام جن فرمايو:

اِنَّ الْعَمَلَ الدَّائِمَ الْقَلِيلَ عَلَى الْيَقِينِ اَفْضَلُ عِنْدَ اللهِ مِنَ الْعَمَلِ الْكَثِيرِ عَلى غَيْرِ الْيَقِينِ[٨].

الله وٽ يقين سان انجام ڏنل ٿورو ۽ دائمي عمل ان گھٽي عمل کان بهتر آهي جيڪو يقين کانسواءِ انجام ڏنو وڃي.

اهو فرمان چٽي دليل آهي تہ يقين عملن جي اهميت کي وڌائي ٿو، يعني يقين سان انجام ڏنل ٿورو عمل ان گھٽي عمل کان بهتر آهي جيڪو يقين کانسواءِ انجام ڏنو وڃي، اهڙي ريت يقين ڪيميا گري جي ان مادي وانگر آهي جيڪو سستي ذاتو کي سون ۾ تبديل ڪندو آهي اهڙي ريت يقين بہ ان ڪيميا گري جي ذاتو وانگر گھٽ عمل کي اهميت وارو بڻائي ٿو

ياد رهي ته ڪيترين ئي جڳهن تي خدا جي نظر ۾ اهميت رکڻ واري ٿوري عمل جا ظاهر ۾ به تمام گھڻا اثرات هوندا آهن هاڻي اسان جنهن واقعي کي بيان ڪرڻ لڳا آهيون اهو واقعو ان حقيقت جو شاهد آهي.

مرحوم آيت الله خوئي يقين سان چيل (بسم الله الرحمن الرحيم) جي بابت شيخ احمد (هي استاد الفقهاء ميرزا جا خادم هئا)جن کان هڪ واقعو نقل ڪن ٿا پاڻ فرمايائون ته مرحوم ميرزا جو هڪ ٻيو خادم به هئو جنهن جو نالو شيخ محمد هئو جنهن مرحوم ميرزا جي وفات کان پوءِ ماڻهن سان ملڻ ڇڏي ڏنوهئو .

---

[٨] . جامع الدرر: ج،٢ ص،٣٧٠، تذكره القبور: ص،٦٠

هڪ ڏينهن ڪو شخص شيخ محمد وٽ ويو ان ڏٺو ته شيخ محمد سج لهڻ وقت پنهنجي ڏيئي ۾ پاڻي وجهي ٻاري رهيو آهي ۽ ڏيئو سني نموني ٻري رهيو آهي اهو شخص ڏاڍو حيران ٿيو ۽ ان جو ڪارڻ پڇيائين.

شيخ محمد ان جي جواب ۾ چيو ته مرحوم ميرزا جي وفات سان مون کي ڏاڍو صدمو رسيو ۽ ان بزرگوار جي جدائي جي ڏک ۾ مون ماڻهن سان ملڻ ڇڏي ڏنو ۽پنهنجو وقت گهر ۾ ويهي گذارڻ لڳس آءُ گهڻو ڏکايل هئس هڪ ڏينهن هڪ عرب طالب علم جي شڪل جو هڪ نوجوان مون وٽ آيو ۽ مون سان ڏاڍي پيار ۽ محبت ۽ پائيچاري سان پيش آيو هو سج لٿي تائين مون وٽ هيو ۽ ان جون ڳالهيون مون کي ڏاڍيون وڻيون منهنجي دل جو ڪجهه بار هلڪو ٿيو ۽ ڏک گهٽ ٿيو هو ڪجهه ڏينهن تائين مون وٽ ايندو هيو ۽ مان ان سان مانوس ٿي ويس هڪ ڏينهن هو مون سان ڪچهري ڪري رهيو هئو ته مون کي ياد آيو ته اڄ رات منهنجي ڏيئي ۾ تيل ئي ڪونهي (تڏهن دڪان مغرب جي ٽائيم بند ٿي ويندا هئا انهيءَ ڪري مان سوچي رهيو هئس ته جيڪڏهن مان هن کان موڪلائي تيل ونڻ ويس ته هن جي پر فيض ڪچهريءَ کان محروم رهجي ويندس ۽ جيڪڏهن تيل نه ورتو ته اڄ رات اونداهيءَ ۾ گذارڻي پوندي هو منهنجي حالت ڏسي سمجهي ويو ۽ چيائين اڄ توهان کي چا ٿي ويو آهي جو منهنجي ڪچهريءَ کي غور سان نه پيا ٻڌو؟

مون چيو نه اهڙي ته ڪا ڳالهه نه آهي آءُ توهان جي خدمت ۾ آهيان هو وراڻيو نه توهان منهنجون ڳالهيون نه پيا ٻڌو مون چيو ته

حقيقت هيءَ آهي ته اڄ رات منهنجي ڏيئي ۾ تيل نه آهي هن وراڻيو ته تعجب آهي مان تنهنجي لاءِ ايتريون حديثون بيان ڪيون آهن ۽ (بسم الله الرحمن الرحيم) جي فضيلت بيان ڪئي تون انهن حديثن مان ايترو فائدو به حاصل نه ڪري سگھيو آهين جو تيل خريد ڪرڻ کان بي نياز ٿي سگھين ؟

مون چيو مون کي ياد نه آهي جو توهان مون سان ڪا اهڙي حديث بيان ڪئي هجي!

هن وراڻيو توهان کان وسري ويو آهي مون ٻڌايو هئو ته(بسم الله الرحمن الرحيم)جو فائدو هي به آهي ته جيڪڏهن تون ڪنهن ڪم جي نيت سان بسم الله الرحمن الرحيم چئو ته تنهنجو اهو ڪم ٿي ويندو.

توهان پنهنجي ڏيئي ۾ ان نيت سان پاڻي وجهو جو پاڻي تيل جي خاصيت رکندڙهجي ۽ توهان بسم الله الرحمن الرحيم چئو، مون ان جي ڳالهه مجي ۽ اُتي ان ئي نيت سان پنهنجي ڏيئي کي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيو ۽ انهيءَ نيت سان بسم الله الرحمن الرحيم چئي پوءِ مان ڏيئو ٻاريو ته ڏيئوٻاري ويو .

ان ڏينهن کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين اهو ڏيئو جڏهن به خالي ٿيندو آهي ته ان کي پاڻيءَ سان ڀري ڪري بسم الله الرحمن الرحيم پڙهندو آهيان ته ڏيئو ٻري ويندو آهي.

مرحوم آيت الله خوئي رح ان واقعي کي نقل ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا تعجب آهي جو ان واقعي جي مشهور ٿيڻ ۽ قبوليڻ کان پوءِ مرحوم شيخ محمد جي ان عمل ۾ ٿورو به فرق نه آيو.

جهڙيءَ طرح اوهان ڏنو ته اعتقاد ۽ يقين سان هڪ بسم الله الرحمن الرحيم پڙهي وجي ته ان جا ڪيترا غير معمولي اثر ظاهر ٿين ٿا.

جيڪي ماڻهو اسم اعظم جي ڄاڻ ۽ معرفت رکن ٿا اهي به ٻين ماڻهن ۾ مشهور اسمن مان ئي فائدوحاصل ڪن ٿا پر جيڪا شيءِ انهن جي عملن کي ٻين جي عملن کان فضيلت بخشي ٿي انهن جو يقين آهي جيڪو ادا ڪرڻ واري اسم جي تاثير ۾ هڪ خاص اثر پيدا ڪندو آهي

٣_ يقين توهان جي اندر کي اُجاريندو آهي

ڪڏهن ڪڏهن انسان محاسبه جي ذريعي پنهنجي ظاهر کي سنواريندو آهي پر لڪيل حقيقت ۽ واقعيت کان اڻڄاڻ نه هوندو آهي ان ڪري ئي هو پريشان هوندو آهي .انسان کي اها ڄاڻ نه هوندي آهي ته ڇا الله سائين ان جي ڪردار ۽گفتار مان راضي آهي يا هو اندر ۾ نفس ۽شيطان جي ڄار ۾ قاتل آهي ۽ پاڻ ان ڳالهه کان اڻڄاڻ آهي جيڪڏهن فرض ڪيون ته هو اندر جو پليت آهي ته ڪهڙيءَ ريت پنهنجي اندر کي ان وڏي خطري کان چوٽڪارو ڏياري سگهي ٿو ؟

ڇا ان روحاني ڏڪ ۽ سور کان چوٽڪاري حاصل ڪرڻ جو ڪو رستو آهي.؟

انهن سوالن جي جواب ۾ چون ٿا ته مڪتب عصمت ۽ طهارت جي عقيدن تي يقين رکڻ سان انسان جو اندر اُجري ٿو ۽ هو روحاني طور تي پاڪ ٿي وجي ٿو ڇو جو يقين اندر کي اُجاريندو آهي آڇر جي رات ۾ پڙهڻ واري دعا ۾ آيو آهي:

اَللّٰهُمَّ اَصْلِحْ بِالْيَقِينِ سَرَائِرَنَا[٩].

پالٹهار يقين جي ذريعي اسان جي اندر کي اُجار.

يقين وارا ماڻهو نيڪ ۽ پاڪ ذات جا مالڪ هوندا آهن اهي فساد "تباهيءَ ۽ برن ڪمن کان دور هوندا آهن جن جي اندر ۾ بريون وصفون هجن اهي يقين پيدا ڪري پنهنجي اندر کي اُجاري سگهن ٿا.

يقين نه رڳو توهان جي ضمير ۽ شعور کي شيطاني وسوسن کان حفاظت ۾ رکي ٿو بلڪه جيڪڏهن توهان جي اندر ۾ ڪو فساد موجود آهي ته ان جي به اصلاح ڪري ٿو ۽ اندر جي براين کي ختم ڪري ٿو.

انهيءَ جي ڪري پاڻ سڳورا فرمائن ٿا :

خَيْرُ مَا اُلْقِيَ فِي الْقَلْبِ اَلْيَقِينُ[١٠].

مومن جي دل ۾ القاء ٿيڻ واري سڀ کان پلي شيءِ يقين آهي.

جو جو يقين نہ رڳو شعور ۾ واڌارو آڻي ٿو بلڪه هي اندر کي اخلاقي ۽ اعتقادي غلطين کان به پاڪ ڪري ٿو.

---

[٩] . بحار الانوار :٩٠ / ٢٨٦

[١٠] . بحار الانوار :٢١ / ٢١١

يقين کي ٽوڙڻ واريون شيون

شڪ ۽ ترديد

جيڪو انسان شڪ ۽ ترديد ۾ مبتلا هجي اهو نه رڳو پنهنجي معنوي اهميت کي ڏڇڪو رسائيندو آهي بلڪ جيسيتائين اهو شڪ ۽ ترديد جو قيدي هوندو آهي تيستائين توقف ۽ جمود جي حالت ۾ بينو هوندو آهي اهوکڏهن به معنوي ترقي نه ٿو ڪري سگهي .اهو پنهنجي چوٽڪاري لاءِ پنهنجي دل مان شڪ ۽ترديد کي ڪڍي چڏي.

امام صادق عليہ السلام جن فرمائن ٿا تہ:

"أُنْفُوا عَنْ نُفُوسِكُمُ الشُّكُوكَ".

پنهنجي نفس مان شڪن کي ڪڍي چڏيو.

اهڙيءَ طرح روحاني ۽ معنوي اهميتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ انهن کي محفوظ ڪرڻ لاءِپنهنجي دل مان شڪ ۽ وسوسي کي ڪڍي چڏيو .

۽ ايمان ۽ يقين ڪامل حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي عقيدن کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو نه ته پوءِ نه رڳو توهان جا عقيدا متزلزل ٿيندا بلڪه آخري زماني جي مصيبتن ۾ به شريڪ ٿي ويندوءُ چو ته شڪ ۽ ترديد هڪ پاسي مصيبتن ۽الله پاڪ جي امتحانن جو سامان گڏ ڪندو آهي ته ٻئي پاسي شڪ ۽ ترديد ۾ گرفتار ماڻهو ان امتحان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندا آهن.

---

[١١] . بحار الانوار :٥١ / ١٤٧

اهلبيت عليهم السلام جي فرمانن ۾ حڪمن ۾ اسان کي پنهنجي دل مان شڪ ۽ترديد کي ڪيڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ڇو ته شڪ ۽ ترديد ۾ هرو پرو وهم ڪرڻ فتني " فساد ۽ مصيبت جو سبب ٿيندو آهي امام جن مناجات مطيعين ۾ الله پاڪ جي بارگاه ۾ هن ريت عرض فرمائن ٿا:

وَاَثْبِتِ الْحَقَّ فی سَرائِرِنا فَاِنَّ الشُّکُوکَ وَالظُّنُونَ لَواقِحُ الْفِتَنِ[١٢].

پالڻهار اسانجي اندر ۾ حق کي ثابت فرماءِ١ ڇو ته شڪ ۽ وهم فتنو ايجاد ڪندا آهن

تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان ان حقيقت کي ڏسي سگهجي ٿو ته اسلام جي شروعات کان وٺي اڄ تائين جنهن فساد۽ فتني مسلمان معاشري کي گمراه ڪيو آهي ان ۾ گهڻا ماڻهو اهڙا هيا جيڪي صراط مستقيم جي بابت پنهنجو يقين وجائي وينا هيا ۽ شڪ ۽ ترديد ۾ گرفتار ٿي چڪا هئا.

حقيقت ۾ شڪ ۽ترديد اهڙن فتنن جو وسيلو آهو جيڪي گمراه ڪندڙآهن ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ٿيڻ جو ذريعو آهن شڪ ۽ ترديد سان انسان فتنن ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ٿيڻ کان سواءِ گهڻو شڪ ڪرڻ وارن ۽ متزلزل ماڻهن لاءِ به فتنن۽ مصيبتن جا سبب گڏ ڪري ٿو.

گناهہ:

گناه ڪرڻ اهلبيت جي حڪمن جي خلاف آهي اها ڳالهه شرم جوڳي ۽ تباهيءَ جو ڪارڻ آهي . ٿي سگهي ٿو ته اهو الله پاڪ جي بانهن جي بهترين حالتن کي ختم ڪري ڇڏي

---

١٢ . بحار الانوار :٩٤ / ١٤٧

انهيءَ ڪري ئي گناھ ڪرڻ نه رڳو معنوي حالت پيدا ڪرڻ ڪان روڪي ٿو بلڪه پهريان كان موجود معنوي حالت ۽ ڪيفيت كي ختم ڪرڻ جي صلاحيت ركي ٿو

دائود رقي چوي ٿو ت: مون امام جعفر صادق عليه السلام كان ٻڌو ت: امام فرمايو:

قالَ سَمِعْتُ اَباعَبْدِاللهِ‌عليه السلام: يَقُولُ اِتَّقُوااللهَ، وَلايَحْسُدْ بَعْضُكُمْ بَعْضا، اِنَّ عيسَى بْنَ مَرْيَمَ كانَ مِنْ شَرايِعِهِ السَّيْحُ فِي الْبِلادِ، فَخَرَجَ فِي‌بَعْضِ سَيْحِهِ وَمَعَهُ رَجُلٌ مِنْ الصَّحابَةِ قَصيرٌ، وَكانَ كَثيرُ اللُّزُومِ‌لِعيسَى بْنَ مَرْيَمَ، فَلَمَّا اِنْتَهى عيسى اِلَى الْبَحْرِ قالَ: بِسْمِ الله، بِصِحَّةِ‌يَقينٍ مِنْهُ، فَمَشى عَلى ظَهْرِ الْماءِ، فَقالَ الرَّجُلُ الْقَصيرُ‌حينَ نَظَرَاِلى عيسى جازَهُ: بِسْمِ الله، بِصِحَّةِ يَقينٍ مِنْهُ فَمَشى عَلَى الْماءِ‌وَلَحِقَ بِعيسى، فَدَخَلَهُ الْعُجْبُ بِنَفْسِهِ. فَقالَ: هذا عيسى رُوحُ اللهِ يَمْشى عَلَى الْماءِ وَاَنَا اَمْشى عَلَى الْماءِ، فَما فَضْلُهُ عَلَى قالَ: فَرَمِسَ فِي الْماءِ فَاسْتَغاثَ بِعيسى فَتَناوَلَهُ مِنَ الْماءِ فَاَخْرَجَهُ، ثُمَّ قالَ لَهُ: ما قُلْتَ يا قَصيرُ؟ قالَ: قُلْتُ: هذا رُوحُ‌اللهِ‌يَمْشى عَلَى الْماءِ وَاَنَا اَمْشى، فَدَخَلَنى مِنْ ذلِكَ عُجْبٌ. فَقالَ لَهُ عيسى: لَقَدْ وَضَعْتَ نَفْسَكَ فى غَيْرِ الْمَوْضِعِ الَّذى وَضَعَكَ‌الله فيهِ، فَمَقَّتَكَ اللهُ على ما قُلْتَ، فَتُبْ اِلَى اللهِ عَزَّوَجَلَّ مِمَّا قُلْتَ. قالَ: فَتابَ الرَّجُلُ وَ عادَ اِلَى الْمَرْتَبَةِ الَّتى وَضَعَهُ اللهُ فيها، فَاتَّقُواللهَ وَلايَحْسُدَنَّ بَعْضُكُمْ بَعْضا[١٣].

---

[١٣] . بحار الا نوار:٢٤٤/٧٣، اصول كافى:٣٠٦/٢

الله کان ڊڄو ۽هڪ ٻي سان ساڻ نه ڪريوحضرت عيسي ابن مريم عليہ السلام جي شريعت ۾ شهرن جي سياحت ۽ سير ڪرڻ هيو انهن سفرن ۾ هڪ دفعي هڪ ننڍي قد جو ماڻهو به انهن سان گڏ هيو جيڪو حضرت عيسي عليہ السلام جي ڏاڍو ويجهو هيو.

هلندا هلندا هڪ درياءَ وٽ پهتا حضرت عيسي پنهنجي صحيح ۽ ڪامل ايمان سان ۽ يقين سان بسم الله چئي ۽ پاڻيءَ تي هلڻ لڳوجڏهن ان مرد اهو واقعو ڏٺوان به صحيح يقين سان بسم الله چئي ۽ پاڻيءَ تي هلڻ لڳو هلندي هلندي حضرت عيسي تائين پهچي ويوان مرد کي انهيءَ وقت هڪ عجيب حالت کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن هن پنهنجي پَرَ ۾ پاڻ کي چيو ته هي عيسي روح الله آهي جيڪو پاڻيءَ تي هلي رهيو آهي مان به پاڻيءَ تي هلي سگهان ٿو پوءِ ڪهڙي ڳالہ آهي جو هو مون کان وڌيڪ آهي انهيءَ وقت هو پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ لڳو ۽ پوءِ حضرت عيسي کي سڏڻ لڳو حضرت عيسي ان کي پاڻيءَ مان ڪڍيو ان کي چيائين تون پنهنجي پاڻ کي چا چيو هو ؟

هن پنهنجي پاڻ کي جيڪو چيو هو سو حضرت عيسي کي ٻڌايو.۽ چيائين ته انهيءَ ڪري آءُ ٻڏڻ لڳو هيس

حضرت عيسي ان کي فرمايو ته الله پاڪ توکي جيڪو رتبو ڏنو هو تو پنهنجو پاڻ کي ان رتبي کان مٿانهون سمجهو انهيءَ ڪري الله پاڪ توسان دشمني ڪئي ۽ ان رتبي کان به ڪيرائي ڇڏيو انهيءَ ڪري الله پاڪ وٽ موتي وڃ۽ جيڪو ڪجھ چيو ٿي ان کان توبہ ڪر ،ان مرد انهيءَ محل توبہ ڪئي ۽ الله پاڪ جيڪو رتبوپهريان ان کي ڏنو هو اهو ساڳيو ان

ٻيهر موٽائي ڏنو .بس الله پاڪ کان ڊڄو ۽ هڪ ٻي سان ساڻ نہ ڪريو.

يقين کي وڃائڻ

تاريخ جا وَرَقَ اُٽلائڻ سان اسان کي اهڙا گهڻا ماڻهو ملندا جيڪي پنهنجي زندگي جي هڪ حصي تائين يقين رکندا هيا ۽ پوءِ ثابت قدم نه رهيا انهيءَ ڪري هو پنهنجو ايمان ۽ يقين وڃائي وينا.

اهڙن ماڻهن مان هڪ زبير هئو جيڪو پيغمبر جي رحلت کان بعد مولا اميرالموءمنين ۽ اهلبيت عليهم السلام جي دفاع ۾ سڀ کان اڳيان هيو اهومولا اميرالموءمنين علي عليہ السلام جي دوستن منجهان هو پر ان جي پُٺن جي وڏي ٽيڙ سر ئي انهن جي شيطاني وَسوسَن ان جي ايمان ۽ يقين کي شڪ ۽ ترديد ۾ بدلائي ڇڏيو.۽ پوءِ هو امام علي عليہ السلام سان جنگ ۽ بغاوت ڪرڻ تي اچي پهتو.

اميرالموءمنين ان جي لاءِ فرمائن ٿا.

مازالَ كانَ الزُّبَيْرُ مِنَّا اَهْلَ الْبَيْتِ حَتَّى نَشَأَ بَنُوهُ فَصَرَفُوهُ عَنَّا[١٤].

زبير هميشہ اسان اهلبيت منجهان هئو پر جڏهن هن جا پُٽ وڏا ٿيا تہ انهن هن کي اسان کا ڦيرائي ڇڏيو.

انهيءَ ڪري اسان کي الله پاڪ کان اهڙي يقين جي دعا گهرڻ کپي جنهن ۾ ڪڏهن به شڪ ۽ انڪار پيدا نه ٿي

[١٤] . بحار الانوار :٢٨ / ٣٤٧

امام صادق عليہ السلام کان نقل ٿيل جمعي جي دعا ۾ پڙهندا آهيون

اللَّهُمَّ اِنّي اَسْأَلُكَ ايماناً صادِقاً وَيَقيناً لَيْسَ بَعْدَهُ كُفْرٌ[١٥].

پالٹهار !مان توکان سچي ايمان ۽ اهڙي يقين جو سوال ڪريان ٿو جنهن کان پوءِ ڪفر ۽ انڪار نه اچي"

اهڙيون عبارتون ان ڳالهہ جون واضح دليل آهن ته گناه جي ڪري يقين جي حالت شڪ ۽ ترديد يا ڪفر ۽ انڪار ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي يقين جي سرزمين ۾ داخل ٿيڻ وارن کي ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي ته نفس اماره ڏاڍو طاقتور آهي جيڪڏهن توهان ٿوري به غفلت ڪئي ته يقين وجائي ويهندوءُ ۽ شڪ ۽ ترديد يا ڪفر۽ انڪار۾ مبتلا ٿي ويندءُ انهيءَ ڪري پالٹهار کان اهڙي يقين جي دعا گهرو جنهن کان پوء ڪنهن قسم جو شڪ نه اچي"

انهيءَ ڪري جيڪا دل يقين جي نور سان منور ٿيل هجي ۽ جيڪو يقين دل ۾ لهي چُڪو هجي گناه جي ڪري ان جو نور گهٽجي سگهي ٿو.۽ هڪ ٻي حالت پيدا ٿي سگهي ٿي انهيءَ ڪري معنوي صفتون رکندڙماڻهو ڪڏهن به پنهنجي دل ۾ وڌائي ۽ آڪڙ پيدا ٿيڻ نه ڏين ڇو ته جنهن مالڪ انهن جي دل ۾ يقين جي نعمت وڏي آهي اهو ان نعمت کي وڌائيءَ جي ڪري انهن کان موٽائي ونڻ جي سگهه به ته رکي ٿو.

---

[١٥] . بحار الانوار :٩٠ / ٤٣

يقين کي حصل ڪرڻ جا ذريعا

١_ ڄاڻ حاصل ڪرڻ:

اهلبيت عصمت و طهارت عليهمم السلام جي ڪيترن ئي فرمانن ۾ يقين جي فضيلت ۽ ان جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي هاڻي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿي ٿو ته ڪهڙيءَ ريت يقين جي منزل تي پهچي سگهجي ٿو ؟

ان سوال جو جواب به اهلبيت عليهمم السلام جي فرمانن ۾ موجود آهي.

يقين جي منزل ۽ ان جي مقام کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ سنو طريقو ڄاڻ ۽ معرفت آهي انسان جڏهن الله پاڪ جي معرفتن مان فائدو وٺندو آهي ته هو مضبوط عقيدي سان يقين جي منزل تي پهچي سگهي ٿو.

روايتن ۾ ان حقيقت جي وضاحت ٿي آهي معراج واري رات الله سائينءَ پاڻ سڳورن صلي لله عليہ وآله وسلم کي فرمايو:

وَالْمَعْرِفَةُ تُورِثُ الْيَقِينَ، فَإِذَا اسْتَيْقَنَ الْعَبْدُ لَا يُبَالِي كَيْفَ أَصْبَحَ، بِعُسْرٍ أَمْ بِيُسْرٍ[١٦].

معرفت يقين جو سبب آهي پوءِ جڏهن انسان کي يقين حاصل ٿي وڃي ته ان کي کو خوف نه هوندوآهي ته رات ڪيئن گذري وئي ۽ ڪيئن صبح ٿي پوءِ پلي اهو سخطيءَ ۾ هجي يا آسانيءَ ۾.

اهڙيءَ ريت معلوم ٿيو ته شڪ ۽ ترديد يقين جي نه هجڻ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي

---

[١٦]. بحار الانوار :٧٧ / ٢٧

اندر يقين جي حالت پيدا ڪريو ۽ يقين جي حالت پيدا ڪرڻ لاءِ معرفت ۽ ڄاڻ حاصل ڪريو ڇو ته اهلبيت عليهمم السلام جي معارف کي حاصل ڪرڻ سان ئي يقين جي وڏي مقام تي پهچي سگهجي ٿو.

٢_ دعا ۽الله پاڪ سان راز۽ نياز:

الله جي بارگاه ۾ دعا ڪرڻ سان اسان جي اندر ۾ يقين پيدا ٿئي ٿو-

مولا امير عليہ السلام معروفہ نالي هڪ خطبي ۾ فرمائن ٿا:

عِبادَ اللهِ سَلُوا اللهَ الْيَقينَ[١٧].

اي الله جا بانهو الله پاڪ کان سوال ڪريو ته توهان کان يقين عطا ڪري.

اهڙيءَ ريت اسان کي يقين پيدا ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ لاءِ الله کان يقين جي حاصل ٿيڻ جي دعا گهرڻ گهرجي ڇو ته دعا به يقين حاصل ڪرڻ جي ذريعن مان هڪ آهي

خاندان عصمت پنهنجي فرمانن ۾ يقين جي جيڪا ڪيفيت ۽ حالت بيان ڪئي آهي اها به اسان جي رهنمائيءَ جي ڪري آهي

جڏهن انسان هر وقت موت ۽ هلاڪت جي خوف ۾ هجي ته ٿي سگهي ٿو ته هو پنهنجو يقين وجائي ويهي .۽ ان جو ايمان ۽ يقين ڪمزور ٿي وجي انهيءَ ڪري اهلبيت عليهمم السلام اسان کي سچو يقين حاصل ڪرڻ لاءِ دعا ارشاد فرمائي آهي ته صالح ۽ متقي بانها دعا جي ذريعي سچي يقين تائين پهچي سگهن ٿا.

---

[١٧] . بحار الانوار :٧٧ / ٢٩٣

جيڪو انسان شڪ ۾ وسوسي کان چوٽڪارو حاصل ڪري اهو ان انسان جهڙو آهي جيڪو ڪفر کان پوءِ ٻيهر زنده ٿئي ۽ ڪفر جي اونداهيءَ مان نڪري نور جي دنيا ۾ پير رکي الله پاڪ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو؛

اَوَمَنْ كَانَ مَيْتاً فَاَحْيَيْنَاهُ وَجَعَلْنَا لَهُ نُوراً يَمْشِي بِهِ فِي النَّاسِ كَمَنْ مَثَلُهُ فِي الظُّلُمَاتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِنْهَا[١٨].

ڇا اهوماڻهو جيڪو مري ويو هو پوءِ اسان ان کي زنده ڪيو سين.؟ ۽ هن کي نور ڏنو سين جنهن جي ذريعي ماڻهن جي درميان ۾ هلندو آهي ان جي مثال ان شخص وانگر ٿي سگهي ٿي جيڪو اونداهين ۾ هجي ۽ ان اونداهين مان نڪري به نه سگهندو هجي.

هيءَ آيت انهن ماڻهن لاءِ هڪ مثال آهي جيڪي شڪ ۽ ترديد جي اونداهيءَ مان نڪري ڪري دلين کي زنده ڪرڻ واري يقين جي دنيا ۾ داخل ٿيندا آهن ڇا اهڙا ماڻهو انهن وانگر آهن جيڪي ايجان تائين شڪ ۽ ترديد جي اونداهيءَ ۾ گرفتار ٿيا هجن جهڙيءَ طرح شڪ دلين کي ڪارو ڪندو آهي اهڙيءَ طرح يقين دلين کي نوراني ڪندو آهي بلڪه انهن ماڻهن جي دل وڏيڪ نوراني هوندي آهي جيڪي يقين تي پهچي چڪا هوندا هجن

حضرت امام باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا:

لانُوَرَ كَنُورِ الْيَقِينِ[١٩].

---

[١٨] . سوره انعام آيت ١٢٢

[١٩] . ١.بحار الانوار :٧٨ / ١٦٥

ڪو به نور يقين جي نور جهڙو نه آهي.

جن ماڻهن کي شڪ ۽ ترديد گهيريو وينو آهي چا اهي انهن ماڻهن وانگر آهن جن جي دلين جي چوڌاري يقين جو نور آهي.؟

جنهن انسان پنهنجي اندر ۾ موجود صفتن کي شڪ ۽ ترديد جي ذريعي ختم ڪيو هجي چا اهو شخص ان ماڻهوءَ جهڙو آهي جنهن يقين جي نور سان دل کي پاڪ صاف ۽ روشن ڪيو هجي..؟

جيڪو هاڻي تازه زندگي ۽ قدرت جو مالڪ هجي دل کي يقين جي چمڪندڙ نور سان روشن ڪرڻ لاءِ الله پاڪ کان دعا ڪريو ته پالڻهار اسان کي سچو يقين عطا فرماءِ چو ته جيڪڏهن يقين سچو ۽ مضبوط هوندو ته اهو هر قسم جي ڏکين امتحانن کي آسان ڪرڻ کان سواءِ اهو ان کي مضبوط به ڪري ٿوءِ ان جي سگهه به وڌائي ٿو.

سچو يقين فقط ان ئي صورت ۾ ئي حاصل ٿي سگهي ٿو جڏهن اهو ڪنهن بہ قسم جوتزلزل کي قبول نه ڪري ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جو ضعف نه هجي. نماز ظهر جي تعقيبات ۾ امام صادق عليہ السلام کان نقل ٿيل هڪ دعا ۾ آيو آهي تہ الله پاڪ کان ڪهڙيءَ شيءِ جو سوال ڪيو وجي ؟

اَسْأَلُكَ حَقايِقَ الْاِيمانِ وَصِدْقَ الْيَقينِ فِى الْمَواطِنِ كُلِّها[٢٠].

---

[٢٠]. ١.بحار الانوار ;٦٩ / ١٩٤

پالٹهار مان توکان هر جڳهه تي ايمان ۽ سچي يقين جو سوال ڪريان ٿو.

امام صادق عليہ السلام کان نقل ٿيل هن دعا جا الفاظ ان نڪتي کي بيان ڪري رهيا آهن ته هر جڳ تي ايسيتائين جو مشڪل ترين مرحلي ۾ به مضبوط ۽ سچو يقين هجي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو ضعف ۽ ڪمزوري نه هجي يعني ڏکين حالتن ۽ مشڪل ترين مرحلن ۾ به انسان مضبوط ترين يقين سان ثابت قدم رهي

اهڙي يقين تائين پهچڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ آسان نه آهي اهڙي يقين کي حاصل ڪرڻ لاءِ الله پاڪ جي آڏو دعا جا هٿ مٿي ڪرڻ گهرجن ڇو ته سچو يقين الله پاڪ جي اولیائن جي صفتن مان هڪ صفت آهي

نفس جي اصلاح ڪرڻ ۽ اندر کي اجارڻ

تهذيب نفس ۽ اصلاح جي ذريعي انسان نفساني ۽ شيطاني خطرن کان نڪري ڪري يقين جي دنيا تائين پهچي سگهي ٿو ۽ ان آب حيات جي ذريعي انسان پهنجي دل ۽ جان کي زنده ڪري سگهي ٿو ڇو ته يقين انسان کي ان اصلي منزل ۽ اصلي هدف تائين پهچائيندو آهي توهان پنهنجي نفس جي اصلاح ڪرڻ جي ذريعي پنهنجي يقين ۾ اضافو ڪري سگهو ٿا .ان کي وڌائي سگهو ٿا اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهنجي امام صادق عليہ السلام وضاحت ڪئي آهي.

بِاِصْلاحِكُمْ اَنْفُسَكُمْ تَزْدادُوا يَقيناً وَتَرْبَحُوا نَفيساً ثَميناً، رَحِمَ اللهُ امْرَءً هَمَّ بِخَيْرٍ فَعَمِلَهُ اَوْ هَمَّ بِشَرٍّ فَارْتَدَعَ عَنْهُ، ثُمَّ قالَ: نَحْنُ نُؤَيِّدُ الرُّوحَ بِالطّاعَةِ للهِ وَالْعَمَلِ لَهُ[٢١].

پنهنجي نفس جي اصلاح جي ذريعي سان پنهنجي يقين کي وڌايو ۽ قيمتي منافعو حاصل ڪريو الله پاڪ ان ٻانهي تي رحم ڪري جيڪو چگّي ڪم ڪرڻ جي همٿ ڪري ۽ ان کي انجام ڏئي يا بري ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪري پر پنهنجي پاڻ کي ان ڪم ڪرڻ کان روڪي پوءِ پاڻ فرمايائون اسين اهل بيت الله پاڪ جي اطاعت ۽ ان جي لاءِ عمل ڪرڻ جي ذريعي سان روح جي تائيد ڪندا آهيون بس پوءِ نفس جي اصلاح جي ذريعي سان انسان جو يقين وڌندو آهي ۽ جو ته يقين جو مخالف يعني شڪ شيطان جي وسوسي جي ڪري پيدا ٿيندو آهي نفس جي اصلاح ڪرڻ سان ان جي ڳالهه ۽ شيطان جي وسوسي کي شڪست ٿيندي آهي. اهلبيت عليهم السلام جي ارشادات ۽ فرمانن مان هن قسم جو استفادو ٿي ٿو ته يقين جي حالت ۽ اصلاح نفس جي حالت ۾ ملازمو آهي يعني نفس جي اصلاح ڪرڻ مان لازم اهو ٿو اچي ته يقين جي حالت ۾ واڌ ٿيندي ۽ يقين وڌندو آهي ۽جڏهن مضبوط يقين موجود هوندو ته نفس جي اصلاح ٿيندي .

بس نفس جي اصلاح جي ذريعي توهان پنهنجي يقين کي وڌائي سگهو ٿا اهڙيءَ ريت يقين کي سگهه ڏئي توهان پنهنجي اندر ۽ نفس کي پاڪ ڪري سگهو ٿا نفس کي پاڪ

٢١

ڪرڻ ۽ يقين پيدا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي روحاني طاقت مان فائدو حاصل ڪريو.

جن ماڻهن مان ڪرامتون ۽ غير معمولي عمل ظاهر ٿيندا آهن اهي يقين جي عظيم نعمت سان نوازيل هوندا آهن ان حقيقت لاءِ هڪ گواه جي طور تي اسان هڪ واقعو نقل ڪريون ٿا.

مرحوم شيخ اصفهاني کان نقل ٿيل آهي انهن فرمايو ته جڏهن آءُ حج جي سفر جي دوران حجاز ۾ داخل ٿيس ته مون وٽ پئسا کون هئا مکي ۾ ٽيڪس جي عنوان سان هر مسافر کان ڪجهه پئسا ونندا هئا ڪجهه ماڻهو ٽيڪس جي ڊپ کان پئسا نه پيا ڏيڻ چاهين انهيءَ ڪري اسان مجبور ٿي جدي واري رستي کان مکي لاءِ نڪتا سين رستي ۾ سرڪاري ماڻهو اسان جي مُنهن پئجي ويا ۽ انهن اسان کي چيوجيسيتائين ٽيڪس ونڻ وارا نه اچن تيسيتائين توهان اتي ئي بيهو ۽ پئسا ڏيڻ کان پوءِ اڳتي وڌو نه ته توهان مکي ۾ داخل نه ٿا ٿي سگهو. سڀ ماڻهو ڪجيءَ جي وڻ جي ڇانوَ ۾ ٽيڪس ونڻ وارن جي انتظار ۾ و يهي رهيا اتي وينل سيني ماڻهن پئسا گڏ ڪيا ۽ مون کي به چيائون ته توهان به پئسا ڏيو .

مون وراڻيو مون وٽ ته پئسا ڪونہ آهن هنن چئو جيڪڏهن تون اها لالچ ٿو رکين ته اسان توکي پئسا ڏيندا سين ته اهو غلط آهي اسان توکي پئسا کون ڏيندا سين ۽ جيڪڏهن پئسا نه ڏيندي ته خانه ڪعبہ ڏانهن نه وجي سگهندين مون انهن کي چيو ته مونکي اوهان ۾ ڪا به لالچ نه آهي خدا کان لالچ ٿو ڪريان جيڪو منهنجي مدد ڪندو

انهن چيو ته عربستان جي هن رڻ پَٽَ ۾ الله ڪٽان تنهنجي مدد ڪندو..؟

مون چيو ته پاڻ سڳورن کان هڪ حديث نقل ٿيل آهي ته جيڪو ماڻهن جي خدمت ڪندو ۽ ماڻهن کان ان جي ڪا قيمت نه ونندو الله پاڪ رڻ پَٽَ ۾ گرفتاريءَ جي حالت ۾ ان جي ائين ئي مدد ڪندو ۽ ان جي رڪاوٽن کي ختم ڪري ڇڏيندو .

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ انهن ٻيهر مون کان ساڳيو سوال ڪيو ۽ مون ساڳيو جواب ڏنو ته هُنن ٽوڪيندي چيو لڳي ٿو ته مولوي صاحبَ پنگ پيتي آهي جو اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري نه ته هن رڻ پٽ ۾ اسان کان سواءِ ٻيو ڪير آهي جيڪو هن جي مدد ڪندو پر اسان به هن جي مدد ڪونہ ڪندا سين ٿوري دير کان پوءِ پَري کان مٽي اُڏرندي نظر آئي مون انهن ما ڻهن کي چيو اها مون ڏانهن اچڻ واري ٻلائي آهي هو مون تي ڪلڻ لڳا ۽ ٽوڪڻ لڳا ڪجهه دير کان پوءِ ان ڏوڙ مان ٢گهوڙي سوار ظاهر ٿيا جيڪي گهوڙي کي هٿ سان ڇڪيون پيا اچن ۽ اهي منهنجي ويجهو آيا.

انهن مان هڪ چيوته هنن مان حسن علي اصفهاني ڪير آهيمنهنجي ساٿين مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته حسن علي اصفهاني هي آهي انهن چيو ته شريف جي دعوت قبول ڪريو ۽ آءُ گهوڙي تي ويهي رهيس.

شريف ڏانهن وڃڻ لڳا سين ته جڏهن شريف مڪي ۾ داخل ٿيا سين ته مون ڏنو ته مرحوم شيخ فضل الله نوري مرحوم شيخ محمد جواد بيد آبادي جن به اُتي موجود هئا مڪي جي شريف جي ڪا حاجت هئي جيڪا مون الله

پاڪ جي مدد سان حل ڪري چڏي هئي مون کي پوءِ خبر پئي ته مڪي جي شريف پهرين پنهنجي حاجت مرحوم شيخ فضل الله نوري جي خدمت ۾ عرض ڪئي پر شيخ فضل الله انهن کي چيو ته توهان جي حا جت فلاڻو ماڻهو ئي حل ڪري سگهي ٿو توهان پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏيو ته هن کي ڳولهي هتي آڻين ۽ يقينا هو رستي ۾ آهي انهيءَ ڪري مڪي جي شريف اهو حڪم ڏنو ته ماڻهن کي حڪم ڏيو ته ننڍن وڏن رستن تي هُن کي ڳولهيو ۽ هو جتي به ملي ان کي وٺي اچو. بيشڪ الله جي نيڪ بانهن ۽ اولياء کان ڪرامتن ۽ غير معمولي ڪمن ظاهر ٿيڻ تي يقين رکڻ چگا اثرات رکي ٿو.

بحث جو نتيجو

اسان جي فڪر رڳو ان صورت ۾ اثرائتي ٿيندي جڏهن يقين جي صفت به ان سان گڏ هجي جيڪي ماڻهو بلند معنوي مرتبن ۽ معارف الاهي جي ڳولا ۾ هوندا آهن سي پنهنجي اندر ۾ يقين پيدا ڪرڻ وارا ڪارڻ به آڻيندا آهن جيڪي ماڻهو غيب جي دنيا سان لاڳاپو رکندا آهن اهي پنهنجي پاڻ ۾ يقين جي سَگهه کي پيدا ڪندا آهن ۽ ان سَگهه کي واڌارو ڏئي ان کي طاقتور بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جو ته يقين معنوي دنيا ۾ پهچڻ ۽ معنوي مقامات حاصل ڪرڻ جي پهرين شرط آهي يقين پيدا ڪرڻ جي ذريعي سان توهان پنهنجي زَنگ لڳَل دل کي نئين زندگي ڏئي ڪري روحاني مرضن ۽ فڪري پليتيءَ کي ختم ڪريو اهڙيءَ ريت توهان جو اندر به اُجري ويندو ۽ الله پاڪ وٽ توهان جي عملن جي قيمت به وڌي ويندي، معارف

حاصل ڪرڻ نفس جي اصلاح حاصل ڪرڻ ۽ اولياءالله جن جي ڪچهريءَ ۾ ويهڻ يقين پيدا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي يقين جي حفاظت ڪرڻ جي پهرين شرط گناهن کي ترڪ ڪرڻ آهي چو ته گناهه ۽ الله جي نافرماني ڪيترن ئي سالن جي ڪو شش سان حاصل ڪيل يقين کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن.

گر عزم تو محکم و متین آمده‌است
در پرتو انوار یقین آمده است
تا نور یقین به دل نتابید، کجا؟
سرپنجه عزم، از آستین آمده است؟

تمت بالخير